ڊاڪٽر رشدالله شاه ”مخمور“ بخاري
اسٽنٽ پروفيسر، سنڌي شعبو
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو.

# لبرل فيمينزم جي اثر هيٺ لکيل ڊاڪٽر فهميده حسين جي ڪهاڻين جو جائزو

## (AN ANALYSIS OF DR. FEHMIDAHUSSAIN'S STORIES WRITTEN UNDER THE INFLUENCE OF LIBERAL FEMINISM)

**Abstract**:

Dr. FehmidaHussain is well-known for her work as a researcher, linguist, and teacher in Sindhi literature, while she has also a noticeable work in story writing. A collection of 43 stories, tiled with “Kundhi Kaliun Vich Men”(ڪُنڌي ڪلين وچ ۾)has been published in 2024. In her stories the leading characters are majorly from urban settings, mostly the educated women, house wives and other professionally working women living in cities has been focused. While in Sindhi literature mostly with discussion of gender equality, domestic violence and other women rights, the Sindhi Story writers are commonly addressing the issues of the women from rural, village side areas and having low education or uneducated one. But Dr. Fahmida has adopted entirely contrasted to the common practiced storyline.It is largely believed that a woman living in a city is more prosperous, empowered, and independent than a woman living in rural areas.But Dr. Fahmida’s stories draw readers attention to the fact that an educated, professional working woman living in the urban areas is working to support her family’s at outside the home and same time she also meeting the roles of mother, wife, daughter and sister in the part of housewife. She highlighted in her stories the matters and problems of women are facing in above said situation. In previous Sindhi literature specially in short story writing the topics has been discussed as education, health, marriage and social equality, including this the woman has presented as a decorative and sex object emphasizing her physical beauty and behavioral sensitivity and softness. But apart from these complex issues, Sindhi fiction has never discussed about the creativity and societal status of women in professionalism before.Her stories are majorly reflecting the conceptual structure of liberal feminism, which is considered the starting wave of feminism movement.



**تعارف:**

ڊاڪٽر فهميده حسين جي سنڌي ادب ۾ سڃاڻپ هڪ محقق، ٻوليءَ جي ماهر ۽ استاد واري آهي پر هن پنهنجي لکڻ جي ابتدا ۾ ڪهاڻي به لکي سنڌس اهڙين ڪهاڻين جو مجموعو”هڪ حوا ڪئين ڪهاڻيون“ سنه 2003ع ۾ شايع ٿيو. ان ڪان پوءِ ۽ اڳ وارين ڪهاڻين ڪي هڪ مجموعي”ڪُنڌي ڪلين وچ ۾“ جي عنوان سان سال 2024ع ۾ شايع ڪيو ويو.جنهن ۾ ڪل 43 ڪهاڻيون شامل آهن. ڊاڪٽر صاحبه بنيادي طور تي پنهنجي ڪهاڻين جا ڪردار شهري ماحول مان چونڊيا آهن. سنڌس ڪهاڻي شهر ۾ رهندڙ پڙهيل لکيل نوڪري ڪندڙ ۽ گهر سنڀاليندڙ عورت ڪردارن جي چوڌاري گهمندڙ آهي. عورت جي برابري، حقن، مٿن ظلم، ڏاڍ تي لکجندڙ سنڌي ڪهاڻي جا ڪردار گهڻو تڻو ٻهراڙين سان تعلق رکندڙ اڻ پڙهيل يا گهٽ پڙهيل عورت ڪردار رهيا آهن، پر ڊاڪٽر فهميده جي ڪهاڻين جا شهري ڪردار هڪ نئين دنيا ڪان واقف ڪرائين ٿا. عام طور اهو سمجهيو ويجي ٿو ته شهر ۾ رهندڙ عورت ٻهراڙي جي عورت جي نسبت وڌيڪ بااختيار، آسودي ۽ خودمختيار آهي. پر ڊاڪٽر صاحبه جون ڪهاڻيون اسان ڪي ان طرف ڌيان ڇڪائين ٿيون ته شهر ۾ رهندڙ پڙهيل لکيل نوڪري ڪندڙ عورت هڪ ئي وقت تي نوڪري ڪري پنهنجي ڪُٽنب جي معاشي نظام ڪي سگهارو بڻائي رهي آهي ته گڏوگڏ هُو هڪ ڌيءُ، ڀيڻ، زال ۽ ماءُ جو ڪردار ڪيئن ۽ ڪهڙي ريت نڀائي رهي آهي. ان سمورين حالتن/ذميوارين ۾ هوءَ ڪهڙن ڪهڙن مسئلن ڪي منهن ڏئي اڳتي وڌي رهي آهي.

سنڌي ادب ۾ عورتن جي مسئلن: تعليم، صحت، شادي جهڙن موضوعن تي لکيو ويو آهي، عورت ڪي محبوبه جي روپ ۾ ته ڪڏهن جنس Sex Object جي روپ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. پر انهن مسئلن مونجهارن ڪان اڳتي عورت جي تخليقي صلاحيت، ۽ حيثيت بابت گفتگو نه ڪرڻ جي برابري ڪئي وئي آهي. ادب ۾ به عورت ائين ئي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جيئن ڪارپوريٽ ورلڊ (Corporate World) اندر ڪيس Sex Object طور پيش ڪيو ويو آهي. شيمپو صابڻ ڪان ويندي ڪنڊوم جي وڪري جي اشتهار لاءِ عورت ڪي جنسي رانديڪي طور پيش ڪيو ويجي ٿو.

عورتن بابت سجاڳي جي ابتدا فرانس کان ٿي:

مشهور فلسفي/رياضي دان مارڪس ڊي ڪونڊريسٽ Marquis de Condorcet(1743_1794) ۽ ڊرامانگار ۽ سياسي شخصيت اولمپي ڊي گاجيسde OlympeGouges(1748_1793) ابتدا ۾ عورتن جي غلامي مان آزادي، مردن جي مساوي تعليم، ۽ حقن جي حاصلات جي حمايت ڪئي. (پروين،2019، 14)

عورت کي تعليم ڏئي خود مختيار ڪرڻ وارا خيال ۽ فڪر باقده ڪتابي صورت ۾ آندا ويا. A Vindication of therights of women, by: Merry Wellston Croft (1792) ۽ The Subjugation of Women ۾ عورت جي حقن بابت پهريون پيرو لکيو ويو. جنهن کان پوءِ ليکڪا، فلسفي ۽ عورتن جي حقن جي وڪيل Marry کي پهرئين فيمينسٽ فلسفي عورت مڃيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ جو هو "غلامي کان آزادي واري تحريڪ سان لاڳاپيل هجڻ سبب ان ڳالهه تي زور ڏنو ته عورت رڳو مرد کي خوش ڪرڻ لاءِ نه آهي. (پروين،2019، 14)

عورتن بابت سجاڳي واري هن تحريڪ فيمينزم کي چئن دور ۾ ورهايو ويو آهي. پهرئين دور (1848ع_1920ع) ۾ عورتن جي مردن برابر تعليم، برابر اجوري، مڪمل قانوني برابري ۽ ووٽ جي استعمال جي حق جي گُهر ڪئي وئي.هن کي "لبرل فيمينزم" به چيو ويو. هن تحريڪ جي ٻئي دور (1960ع_1988ع) ۾ عورت بابت ڪجهه ٻين مسئلن طرف قدم وڌايو ويو. خاص طور عورت بطور جنس جهڙو موضوع بحث هيٺ آيو جنهن تحت عورت پنهنجي جسماني حيثيت کان انڪار ڪندي مرد جي برابري جي گُهر ڪئي. هن گُهر ڪئي ته ڪيس جنس جي بنياد تي نه پيٽيو وڃي. ٽئين دور (1988ع_2007ع) ۾ عورت مڪمل طرح آزادي جي گُهر ڪئي. جنهن تحت هو پنهنجي مرضي سان ٻار پيدا ڪرڻ کان ويندي فرد سان جنسي تعلق قائم ڪرڻ، سينگار ڪرڻ، ڪم واري جاءِ تي مرد جي برابري اجوري ۽ ويم لاءِ موڪل وغيره تائين خودمختياري جي گُهر ڪئي. 2012ع کان شروع ٿيندڙ چوٿين لهر/دور ۾ هن تحريڪ جي گُهر، جنسي ڏاڍ، جسم جي خاص حصن کي ڍڪي رکڻ يا لڪائڻ (ان



جي ظاهر ٿيڻ تي شرمنده ٿيڻ) جنسي زيادتي واري ڪلچر جي خلاف آواز اٿاريو ويو.(Encycpedia Britannica)

بنيادي طور تي فيمينزم مغرب ۾ پيدا ٿيل عورت جي غلاميءَ کان ڇوٽڪاري جي تحريڪ هئي جيڪا آهسته آهسته وڌندي عالمي منظر نامي ۾ نظر اچڻ لڳي، ڇاڪاڻ ته جتي جتي به عورت جو استحصال ٿئي ٿو اتي هن تحريڪ پنهنجو اثر ڇڏيو آهي. فيمينزم تحريڪ جي چئن دور ۾ عورت جي تعليم، صحت، ملڪيت ۾ حصو، جنس جي بنياد تي ساٽس فرق نه ڪرڻ، جنسي معاملن ۾ ڪيس خودمختيار رکڻ، نوڪري واري جاءِ تي مرد جي برابر معاوضي جي گُهر ڪئي آهي. هن تحريڪ جي چئن دورن مختلف خطن جي سماجن تي جدا جدا مثبت ۽ منفي اثر به ڇڏيا آهن:

> Feminism is an umbrella term for a number of cultural phenomena. It tries to acquire freedom for women to work, and make independent economically, and psychologically. It indicates institutional and grassroots activities to abolish gender-based inequalities from the society. It hopes to discover the hidden reality of male domination, and women subordination and subjugation in the world, and aims to give equal rights to women economically, politically, and socially. It supports a broader struggle of freedom for women to make their own decisions related to their bodies, financial independence, freedom to choice their lives and sexual choices, and liberation from all types of oppression.(Mohanjan, 2022, 07).

جنهن جي نتيجي ۾ فيمينزم جا ڪيترائي قسم يا نمونا به جڙيا، جن ۾ لبرل فيمينزم،سوشلٽ/مارڪسٽ فيمينزم،ڪلچرل فيمينزم،ريڊيڪل فيمينزم، اميزن فيمينزم، ايسيشلسٽ فيمينزم،فرينچ فيمينزم، پنڪ فيمينزم، مٽريل فيمينزم،سائيڪو فيمنزم،لپ اسٽڪ فيمينزم،لزبن فيمينزم،پوسٽ ڪالونيل فيمينزم،پوسٽ فيمينزم، پوسٽ ماڊرن فيمينزم شامل آهن.

> Feminism can be manifested into seven categories as; i) liberal feminism, ii) Marxist feminism iii) socialist feminism, iv) radical feminism, v) ecofeminism, vi) cultural feminism, vii) black feminism, and viii) postmodern feminism. Each ideology tries to describe

> women's oppression, explains the causes and consequences, and suggested strategies for women liberation. (Mohanjan 2022, 07).

ڊاڪٽر فهميده حسين جي ڪهاڻين جو تعلق گهڻو تڻو لبرل فيمينزم (فيمينزم جي پهرئين دور) سان جڙيل نظر اچي ٿو.

> Liberalism is a political and economic principle that stresses individual independence, equality of opportunity, and the protection of individual rights. It supports rule of law, civil and human rights, secularism, democracy, freedom of speech, press, religion, and property. It encourages the development of freedoms, particularly in the political and economic spheres. It is a "feminist theory that believes gender inequality is created by lowering access for women and girls to civil rights and allocation of social resources such as education and employment (Mohanjan 2022, 08).

**تجزيو:**

ڊاڪٽر فهميده حسين جي ڪهاڻي عورتن جي حيثيت ۽ اهميت جهڙي موضوع تي نئين سوچ جي ڪهاڻي آهي، هُن پنهنجي ڪهاڻين ۾ شهر ۾ رهندڙ، نوڪري ڪندڙ ۽ گهر سنڀاليندڙ عورتن جون ڪهاڻيون بيان ڪيو آهن، جن ۾ ڪيترائي لڪيل رُخ بہ سامهون اچن ٿا. هن مقالي ۾ سندس ڪهاڻين ۾ موجود فيمينزم خاص طور لبرل فيمينزم جي اثر کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

"گئس لائيٽنگ" عورتازاد/فيمينزم جي اثر هيٺ لکيل زي ۽ ايڪس جنريشن جي ڪهاڻي آهي،ٻنهي جنريشن ۾ جيڪو فرق آهي اهو ئي اُن جو تضاد بڻجي رهيو آهي.زي جنريشن کي اسان اڳ جي جنريشن کلي دل سان قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيون. ڊاڪٽر صاحبہ پنهنجي هن ڪهاڻي ۾ پنهنجي سماج جي 'قائم' ڪيل ٽيبوز کي للڪاريو آهي. اسان وٽ عورت جي بائيولوجيڪل تبديلي کي لڪائڻ يا سندس پنهنجي کنهن بيماري يا تڪليف لاءِ 'زناني بيماري/تڪليف' جهڙا مدي خارج اصطلاح اڄ بہ رائج آهن. ڪهاڻي اهڙي خود ساختہ اخلاقيات کي قبول نہ ٿي ڪري، 'روماسا' پيءَ سامهون پنهنجي پيرڊس جي تڪليف جو اظهار ڪري ٿي تہ اها بي حيائي، بدتميزي ٿي پئي ٿي:

> نديم هٿ ۾ کنيل ڪتاب رکندي پڇيو'ڇا ٿيو؟ پيٽ خراب آهي؟ گهڻو سور آهي تہ ڊاڪٽر وٽ هلون؟' تڏهن روماسا بنا سوچڻ جي چيو 'نہ



> بابا اڄ پيرڊس جو پهريون ڏينهن آهي نہ، ان ڪري cramps پيا پون' ... ائين چئي هوءِ هلي وئي پر مريم جا شامت اچي وئي. نديم جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو.ان کان اڳ جو هوءَ روماسا لاءِ هاٿ واٽر باٽل کڻڻ وڃي، هو شروع ٿي ويو 'اها فضيلت سيکاري اٿئي جوان ڌيءَ کي، پيءُ جي اڳيان ڇا پئي ڳالهائي.... کو شرم ٿيندو آهي،کو حيا کبو آهي! (فهميده،45،2024)

اهو ئي مرد 'ماءُ،ڀيڻ تي گار' کي گهري دوستي ۽ دشمني جو بنياد سمجهي ٿو.اهو واقعي بہ "گئس لائيٽنگ" آهي.

"گلاس اڌ خالي آهي....." "گلاس اڌ ڀريل آهي....." ٻنهي جملن ۾ فرق آهي. اهو فرق زندگي ڏانهن نهارڻ، سمجهڻ جو زاويو تبديل ڪري ڇڏي ٿو. هيءَ ڪهاڻي'خود ڪلامي' بہ چٽوپٽو ان فرق کي ظاهر ڪري ٿي. زندگي بغير مڙس ۽ ٻارن سان گڏ گذاريندڙ عورت جي ڪهاڻي نااميدي، مايوسي يا روايتي ڪروڌ کي بيان نہ ٿي ڪري بلڪ اميد، آس سان زندگي جي تڪليفن، ڏکن، پريشانين کي گهٽائڻ ۽ ان کي ختم ڪرڻ لاءِ نهايت سليقي سان ڪهاڻي جي مرڪزي ڪردارزندگي ڏانهن نهارڻ جو زاويو تبديل ڪري ٿي ۽ سڪون حاصل ڪري ٿي!

عورت جي خودمختياري آخر مرد لاءِ ايتري پوائتي ڇو آهي؟ مرد ڇو نہ ٿو عورت کي پاڻ سان گڏ هلڻ ڏئي. يا هو ڇو نہ ٿو عورت سان گڏ هلي. مرد جي اها نفسيات بہ عجيب آهي. پنهنجي عورت کي پاڻ پرو ٿيڻ نہ ٿو ڏئي. پرائي عورت کي خوابن جي ساڀيان سمجهي ٿو. عورت کي بہ مرد سان گڏ هلڻ جي ضرورت آهي. ٻنهي ۾ فطري تبديليون آهن. ٻئي هڪ ٻئي جي هجڻ جي باوجود هارمونز سطح تي هڪ ٻئي کان جدا آهن.جنهن سبب ٻنهي کي هڪٻئي کي سمجهڻو پوندو. عورت، مرد کي پنهنجي اختيار ۾ ڪرڻ چاهي ٿي. مرد،عورت کي پنهنجي حڪم هيٺ رکڻ چاهي ٿو. ٻئي هڪٻئي جي حالتن کي سمجهڻ يا قبولڻ لاءِ تيار نہ آهن. اهو بنيادي جهيڙو آهي. ٻئي هڪٻئي کي وقت _وٿي ڏيڻ بجاءِ هڪٻئي تي حاوي ٿي رهيا آهن. هي ڪهاڻي ان بنيادي فرق کي واضح ڪري ٿي، پنهنجي مڙس جي ڇڏي وڃڻ واري نهايت ڪربناڪ حالت/ ڪيفيت کي ڪئين ڏيمي مياري لهجي ۾ بيان ڪيو آهي:

> "سوچيان ٿي ڇگو ٿيو جو جواني ۾ هليو ويو نہ تہ منهنجي پيري تہ هن کان برداشت ئي ڪانہ ٿئي ها.؟"(فهميده،2024، 50)

بغير مڙس جي اولاد کي بااختيار بڻائي خود اعتمادي ڏيندڙ عورت ماءُ جي حيثيت ۾ ڪيڏي نہ خوبصورت انداز ۾ سوچي ٿي:

> ٻالهہ امير غريب جي ڪانهي،ٻالهہ احساس جي آهي، انسان جي روين جي آهي، حالتن جي آهيءِ خود انهن پوڙهن مائٽن جي سهپ ختم ٿيڻ جي بہ آهي. (فهميده،52،2024)

هن ڪهاڻي جو مرڪزي ڪردار هڪ عورت آهي جيڪا مڙس جي ڇڏي وڃڻ کان پوءِ پنهنجي اولاد پالي وڏو ڪري کين خود مختيار بڻائي پنهنجي ننهن سان ويرر ڪڻ يا پنهنجي محرومين جو بدلو وٺڻ بجاءِ کين اڳتي وڌڻ جو حوصلو ڏئي ٿي.

ڪهاڻي ’سوڊو لبرل‘ هڪ اهڙي عورت جي ڪهاڻي آهي جيڪا نوڪري بہ ڪري ٿي ،گهر بہ سنڀالي ٿي ۽ ان جي باوجود سندس مڙس ڪائنس مطئمن نہ ٿو رهي. عورت ۽ مرد ڪيئن برابر آهن؟ ٻنهي جي جسماني بناوٽ جدا جدا آهي. فطري تقاضائون جدا آهن ٻنهي جو بائيوليجيڪل نظام جدا آهي. شين کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو زاويو جدا آهي. ان سڀ هوندي ڪير بہ ڪنهن کان گهٽ يا وڌ نہ آهي. آخر ٻئي هڪٻئي تي حاوي ٿي، هڪٻئي جي روڪ ڪري ڇا حاصل ڪرڻ گهُرن ٿا.

> هڪ فرد جي شخصي آزاديءَ کي سلب ڪري هو ڇا ٿا ثابت ڪرڻچاهين؟ ......هوءَ بہ مڪمل فرد آهي ۽ آءَ بہ مڪمل فرد آهيان، اسان کي پڙهڻ لاءِ، نوڪري ڪرڻ لاءِ، دوستن سان ملڻ لاءِاجازت ڇو ٿي وٺڻي پوي؟..... ڇا هو مڪمل انسان مڪمل فرد آهن ۽ اسين اڌ انسان آهيون، فرد ڪو نہ آهيون؟ ڇا هو اسان جا مالڪ آهن ۽ اسين سندن غلام؟ (فهميده،58،2024)

عورت بااختيار آهي ڇاڪاڻ تہ صدين کان مرد، عورت جي روڪ ڪندو رهيو آهي. عورت خودمختيار آهي. عورت بہ مرد جيان انسان آهي. ان کي مرد جي ضرورت جي شيءَ سمجهڻ ناانصافي آهي. عورت جي مرضي، خواهش، اظهار جي آزادي، اُن جو اختيار آهي، پر پنهنجي پنهنجي دائري ۾ مرد جو اثر جدا آهي ان کي عورت جي دائري يا اختيار جي روڪ جو ڪو بہ اختيار نہ آهي.فطرت مرد ۽ عورت کي جوڙي ۾ پئدا ڪيو آهي. ٻئي جدا آهن پر ٻئي هڪٻئي لاءِ آهن. مسئلو اهو آهي تہ ٻئي پنهنجي پنهنجي اختيار/دائري جي بجاءِ هڪٻئي جي روڪ ڪري رهيا آهن.

”ڪارو ڪير هو“ ڪهاڻي وڏيريڪي سماج ۾ عام ماڻهو جي ذهني حالت ۽ عورت جي حيثيت کي نروار ڪري ٿي.‘وڏيري’،‘منشار’،‘منشار جوءِ’ ۽ ‘ماستر’ جهڙا ڪردار اڄ بہ سماج ۾ موجود آهن،جيڪي هڪڙا ڏاڍ،ٻيا جهالت،۽ ٽيا وفاداري جي علامت آهن.

> اوچتو منشار جا هٿ زور سان ڪرسءَ ۾ ڦٻي ويا،.... ‘سائين ان مروان جو نالو نہ ڪٽو.....’’.....“ڇون ٿا منشارجي جوءِ ‘ڪاري’ آهي، ۽ ماستر ‘ڪارو’... ۽ پوءِ



> ماستر الائي ڇا سوچيو... هن ننڍڙيءَ کي هنج ۾ کنيو ۽ ننڍڙي جي آڱر جهلي لوڙهي کان ٻاهر گهگهہ اونداهہ ۾ گم ٿي ويو....” (فهميده،82،2024).

مرداڻي سماج ۾ عورت مرد جي طاقت کي وڌائڻ جو وکر آهي. عورت ڪمزور بہ آهي تہ وفادار بہ، باحيا بہ! تہ ڪٿي اها ئي عورت ان جي ضد! طاقتور پاڻ کي هميشہ طاقتور بڻائڻ چاهي ٿو. اُن لاءِ اُن وٽ عورت وکر/جسم بڻجي پئي آهي. طاقتور پنهنجي طاقت کي قائم رکڻ لاءِ علم، ڄاڻ جا سمورا رستا بند رکڻ چاهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ هُن کي خبر آهي تہ جيڪڏهن علم وڌيو تہ سندس سگهہ ڪمزور بڻجندي!!

“آءَ ڪا پاڻ وهيٽي” ڪهاڻي مرد حاڪم تصور جو عڪس پيش ڪري ٿي.‘منصور’ جي ڪردار ۾ هو هڪ روايتي مرداڻي حاڪميت رکندڙ مڙس جي روپ ۾ ڏيکاريو ويو آهي. ‘صبا’ هڪ پڙهيل لکيل ۽ نوڪري ڪندڙ پنهنجو گهر سنڀاليندڙ جي روپ ۾ ڏيکاريو ويو آهي. صبا جو پيءُ هڪ روشن خيال ۽ ڌيءَ کي سپورٽ ڪندڙ مرد ڪردار طور ڪهاڻي ۾ موجود آهي.

ڪهاڻي ‘منصور’ جي روايتي مرد حاڪميت رويي جي چوڌاري ڦري ٿي،جنهن ۾‘صبا’ پنهنجي اهليت، حيثت ۽ وفاداري جي بنياد تي پاڻ ٻيهڻ چاهڻ باوجود ‘منصور’ جي مرضي جي ڪري پاڻ کي هر طرح سان تبديل ڪري مصلحت پسندي بہ اختيار ڪري ٿي.پر آخر اُن مان نڪري پنهنجي زندگي جيئڻ جي شروعات ڪري ٿي.هن ڪهاڻي ۾ ٻار سڀ کان وڌيڪ خاموشي سان متاثر ٿي رهيا آهن. نفسياتي طور ماءُ، پيءُ جو عمل/رويو سڌو سنئون ٻار تي اثر ڇڏي ٿو. ٻار نفسياتي طور تي ماءُ، پيءُ جو اثر قبول ڪري ٿو. ۽ پوءِ سموري زندگي ٻار ان ئي اثر/خوف/ خوشي/ مسرت جي احساس هيٺ رهي ٿو. ٻن ڪلچر/ماحول جو فرق بہ انساني نفسيات/رويي تي اثر ڪري ٿي.

“ٽاڪسڪ”_ خود غرضي_هڪ نفسياتي بيماري آهي، جيڪو بہ شخص مرد/عورت انتها جو شڪار ٿئي ٿو اهو پاڻ سان جُڙيل ٻين شخصن/فردن جي زندگي تباهہ ڪريو ڇڏي. هي ڪهاڻي مختلف نفسياتي رجحانن طرف ڦري ٿي، جنهن جا بنيادي محرڪ جدا جدا آهن.

> مرد جي ڪردار ۾ مڙس بہ آهي تہ پيءُ بہ! ٻنهي ڪردارن جي نفسيات ۾ فرق آهي! ”ايڏو ميڪ اپ ڪرڻ ۽ تيار ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي!”....“ڀلا اها انگريزن واري جينز ۽ پينٽ پائي آفيس وڃڻ ضروري آهي؟“ (فهميده،87،2024)

> هنن وٽ عورتن جي عزت،حيثيت، شخصيت،انفراديت ڪا معنيٰ نٿي رکي.
> هو ان کي خود اختيار،خود مختيار ڏسي نہ ٿا سگهن. (فهميده،89،2024).

عورت جي ڪردارن ۾ هو پاڻ بہ شامل آهي تہ سندس پاڇائي بہ! ٻنهي جي سوچ سمجهہ ۾ فرق ڏيکاريو ويو آهي. بنيادي طور اهو فرق ٻن ڪلچر جو فرق آهي، فيوڊل ۽ پروگريسو ڪلچر! پر هاڻ ڳوٺن ۽ شهرن جي وچ واري فرق گهٽجڻ ڪان پوءِ اهي ٻئي ڪلچر تبديل ٿي هڪ نئين صورت اختيار ڪري رهيا آهن. جنهن کي اسان ’فيوڊل پروگريسو ڪلچر‘ جو نالو ڏئي سگهون ٿا. هي ڪهاڻي اهڙي ڪلچرل، ماحول ۽ ان جي سبب پيدا ٿيندڙ نفسياتي مسئلن ۽ روين جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ نقصانن کي بلڪل واضح ڪري ڏيکاري ٿي. يقينن اهو نقصان ان ٻار جو ٿئي ٿو جيڪو ماءُ ۽ پيءُ سان گڏ رهڻ چاهي ٿو. ان نقصان جو ازالو ڪيئن ممڪن آهي؟ ٿاڪسڪ فقط مرد ئي ٿئي ٿو عورت نٿي ٿي سگهي؟

عورت پنهنجي ممتا ۽ حالتن جي هٿان مجبور ٿي، پنهنجي گهرو زندگي کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي پر ناڪام ٿئي ٿي.

ڪهاڻي ”اهنڪار“ ٿاڪسڪ جي ماحول سان شروع ٿئي ٿي. ٿاڪسڪ جو بنياد غلط فهمي بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪڏهن ٿاڪسڪ جي حالت خود غلط فهمي کي جنم ڏئي ٿي.بختاور ۽ سرمد جا ڪردار هڪٻئي کي نہ سمجهندڙ ڪردار آهن ، جيڪي شادي جي رشتي ۾ سالن جا سال گڏ رهن ٿا پر شايد هڪٻئي کي سمجهي نہ سگهيا آهن يا شايد ڪهاڻيڪار،ڪهاڻي جي آخر ۾ بختاور جو مسئلو اهڙي ريت بيان ڪيو آهي جو اُن سان همدردي پئدا ٿئي پر ائين ٿيندي نہ ٿو محسوس ٿئي.عورت کي خود مختيار هجڻ گهرجي.هوءَ پنهنجي فيصلن ۾ بااختيار هجي.

بختاورکي هڪ دوست جي ضرورت هئي. جيڪو ٻنهي سرمد ۽ بختاور جي وچ واري وڌندڙ وٿي کي ختم ڪري سگهي. ان وٿي کي بختاور ۽ سرمد بہ محسوس نہ ٿا ڪن. تہ ساڳي وقت بختاور خود بہ ان وڌندڙ وٿي کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪندي ڪهاڻي ۾ نظر نہ ٿي اچي. ٻار بہ اُن تي اثرانداز نہ ٿا ٿين. ٻنهي ڪردارن جي روين مان ’ٿاڪسڪ‘ ڪير آهي ؟ڪهاڻي پنهنجي انجام تي پهچي چڻ يوٽرن وٺي ٿي، عورت غلط نہ ٿي ٿي سگهي، ”اُن جو عمل دراصل عمل نہ هوندو آهي. بلڪ اهو ردعمل آهي ان کي سمجهڻ گهرجي.“ اهو رويو خود ٿاڪسڪ ئي چورائيندو.



ڪهاڻي جي وچ تي سرمد جو ڪيس پيش ڪندي ڊاڪٽر صاحبہ مرد حاڪميت ۽ عورت مظلوميت جو هڪ ٻيو پاسو بہ پيش ڪيو آهي، جيڪو پڻ اهم آهي.مسئلي ۾ عورت خود عورت جي مخالف آهي:

> هڪ مرد ٻہ شاديون ٿو ڪري تہ ان لاءِ رڳو مرد کي ٿو ننديو وڃي.ڪڏهن ڪنهن اُن ٻئي عورت کي چيو آهي تہ تون پڙهيل لکيل خود مختيار عورت ٻي عورت مٿان پهاج بڻجڻ لاءِ ڇو راضي ٿئين؟“..... ”مرد ايڪسٽرا ميريٽل افيئر بہ هلائيندو آهي، پر ان ۾ هن سان جيڪا عورت شامل هوندي آهي اها برابر جي گناهگار هوندي آهي نہ! (فهميده،101،2024).

ڪهاڻي“ساڳيا سور ۽ سڏڪا”ان مسئلي تي لکيل آهي، هن ڪهاڻي ۾ سندس ڪردار خود اهو ئي عمل ڪري ٿو. نتيجي طور مرد جي رويي/عمل تي آڱر کڻنين وڃي ٿي، شادي شده مرد سان شادي ڪرڻ خود عورت جو عورت سان نہ رڳو ان جو حق مارڻ برابر آهي پر سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ باوجود پاڻ کي ڏوکو ڏيڻ پڻ آهي.“مان مرد مان انسان”ٻن مختلف ماحول ۾ رهندڙ مرد ۽ عورت جي رشتن جي اڻبرابري جي ڪهاڻي آهي.جيڪا ٻنهي جي فرق کي واضح بيان ڪري ٿي.هي ڪهاڻي جيتوڻيڪ اڄ ڪان اڌ صدي اڳ لکي وئي پر اڄ بہ اهڙيون ڪهاڻيون ورجايون وڃن ٿيون. بدي جي شادي يا زور زبردستي جي شادي بہ سماج ۾، سماج جي طاقتورن جي طرفان ٿاڦيون وڃن ٿيون. رشتن کي احساس، جذبن جي حالت يا ڪيفيت ڪان مٿاهون ڪري رڳو مادي جي حيثيت ۾ ڏنو/پرکيو ويندو تہ پوءِ ٻي جوڙ شادين ڪان ويندي سماج ۾ ڪيترائي عمل پنهنجي اصل روح سان عمل ۾ اچي نہ سگهندا. هي ڪهاڻي رڳو مجبور مرد جي نہ آهي بلڪ اُن عورت (زال) جي محرومي جي بہ آهي جنهن کي ان جو زوري ٿاڦيل مڙس جاهل، بي شعور چئي قبول نہ ٿو ڪري! ان جي ڪيفيت، جذبات يا احساسات ڇا آهن. ڪهاڻي جو اهو لڪيل پاسو آهي. ان سان گڏ هي ڪهاڻي اهڙن لاتعداد عورتن جي بہ آهي جيڪي اهڙين فيصلن کي قبول ڪرڻ لاءِ پنهنجي سماجي ڍانچي ۾ مجبور آهن. هي ڪهاڻي اهڙن مردن جي بہ آهي جيڪي پاڻ سماج ۾ ڪاربان ڊآءِ آڪسائيڊ بڻجي ٻين جي حصي جي تازي هوا (آڪسيجن) کائي رهيا آهن. پوءِ بہ اُهي معتبر ۽ معزز آهن!هي ڪهاڻي کوکلي ٿيل سماج جي جذبات جي ڪهاڻي آهي!!

شهرن ۾، ڳهرن ۾ ڪم ڪندڙ مردن ۽ عورتن جي هي ڪهاڻي پنهنجي خيالي بيهڪ ۾ نئين آهي. ڪهاڻي جو اهو بہ موضوع ٿي سگهي ٿو. سماج اندر ڪيترائي مسئلا آهن. هن کي فوڪس ٿيڻ گهرجي.وڏن شهرن جي اندر وڏن گهرن ۾

رهندڙ ۽ اتي ڪم ڪندڙ غريب ماڻهن جون ڪيتريون ڪهاڻيون لکڻ گهرجن. هن ڪهاڻي جا ’مختيار‘ ۽ ’ڪوثر‘ جهڙا ڪردار اسان جي چوڌاري موجود آهن. مختيار هڪ سوچ هڪ رويو آهي. ڪوثر، ان رويي جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل انساني حالت يا ڪيفيت آهي. سماجي بيهڪ ۾ ’مختيار‘ جهڙو بدبودار رويو ڏينهن به ڏينهن وڌي رهيو آهي. ’ڪوثر‘ جهڙي ڪيفيت به تبديل ٿي رهي آهي. ڪٿي پستي ۾ ڪٿي بي راهه رويءَ ۾، بنهه گهٽ مزاحمت ۾. سماج کي ان ڪيفيت مان مزاحمت جي ضرورت آهي نه ڪي اڪيلائي ۾ خاموشي اختيار ڪرڻ جي.

> زال کي مان ماني پچائي کارايان؟اسان ٻروچن ۾ مڙس کي ماني پچائي کارائڻ زال جو فرض آهي.ماڻهو شادي ڇو ڪندو آهي ته جئين گهر جو سک ملي‌س.زال ڪپڙا لٽا ڌوئي استري ڪري ڏي،ٽي ويلا ماني پچائي ڏي،مڙس جي خدمت ڪري....“
> ”زال کي سک ڏيڻ جو ڪو تصور ڪو نه هو.زال جي ڪم ڪرڻ ۾ گهٽتائي ٿي سمجهائين.“
> ”ڪراچي ۾ رهڻ ۽ پڙهڻ جي ڪري متو ڦريل اٿس،وري توهانجي ڳالهين سان اجان متو خراب ٿيندس!“
> ”مائٽن کي دانهن ڏيندينءَ ته ڳوٺ وٺي وڃي ڪاري ڪري مايندوسانءِ“ (فهميده،2024،148).

احساس جو تعلق جذبن ٽنندو آهي ته ساهه جي سڳي ۾ ٻڌل ئي وڃائبا آهن يا ساهه جي سڳي ۾ ٻڌل جذبن هٿ ڇڏائي هليا ويندا آهن ته احساس جو رشتو/تعلق ٽٽي پوندو آهي. اها حالت انسان کي اندر ۾ پوري ڇڏيندو آهي. انسان اندر ۾ ٽٽي پُري پوندو آهي.ڊاڪٽر صاحبه جي هيءَ ڪهاڻي ”تون ۽ مان“به ان ئي حالت کي ظاهر ڪري ٿي ۽ وڌي بيباڪي سان اظهار ڪري ٿي.وجود جو انگ جهڙو رشتووجود ڪان ڌار ٿي پنهنجي معنيٰ وڃائي ويهن. اها حالت ڇا ٿي سگهي ٿي! ڪهاڻي ۾ هڪ عورت جي اِن حالت مان گذرڻ کان پوءِ ڪمزور ٿيڻ بجاءِ ايتري ته سگهاري ٿي وڃي ٿي جو ان کي اهو ئي مرد جيڪو سندس مڙس پيار ۽ ٻارن جو پيءُ آهي. اهو شخص ’اوپرو‘ ٻڻجي وڃي ٿو. جنهن سان هو نه پيار نه نفرت جو رشتو رکي ٿي.ڇاڪاڻ هن کي’اوپر‘کان ڪراهت ايندي آهي! ڇا مرد کي ’اوپر‘ عورت پسندايندي يا هو اُن کي پنهنجو ڪري مان مرتبو ڏيندو؟ پوءِ عورت اهڙي مرد کي ڪيئن قبول ڪندي؟

> تون هڪ ٻي عورت وٽان ٿي مون وٽ موٽيو آهين.ان سان پيار ونڊي وري مون سان ونڊڻ آئين. ڪن پل لاءِ به نه سوچيئي ته جي تنهنجي جاءِ تي آءُ ۽



> منهنجي جاءِ تي تون هجين ها ته ڇا ڪرين ها!.... تو کي شايد وسري ويو آهي ته مون کي اوپر کاڌو نه وڻندو آهي. (فهميده،2024،152)

ڇا مرد محبت ۾ عورت جي روح/احساس تائين لهي سگهي ٿو يا هو عورت جي جسم جي گلين ۾ وڃائجي وڃي ٿو؟ عورت احساس جو رشتي اُٽي ٿي ۽ مرد جسم جي فتح چاهي ٿو. ڪهاڻي ”پڇتاءُ“ ۾ ’رياض‘ جو ڪردار به ان نفسياتي مسئلي جو شڪار آهي. جيڪو جذبن جو ڀرپور اظهار چاهي ٿو ۽ عاشي احساس جي رشتي ۾ خاموشي جي زبان اختيار ڪري ٿي. بنهي جي وچ ۾ وٿيآهي محسوسات جي! ٻئي جدا جدا نفسياتي حالت جا شڪار آهن. ٻئي هڪ وقت تائين خود کي درست سمجهن ٿا. عاشي شايد حالتن سبب پنهنجي محبت جي احساس هيٺ رياض کي غلط نه چوندي پاڻ کي ئي ڏوهاري سمجهي ٿي ته ساڳي وقت پنهنجي محبت جي انا کي به قائم رکندي رياض جي منٿن کي ضايع نه ٿي ڪري. رياض روايتي مرد وارو ڪردار ادا ڪري ٿو. عاشي، نفسياتي طور دل ۽ دماغ جي ٽڪراءُ سبب سخت دٻاءُ جو شڪار ٿي زندگي وڃائي ويهي ٿي. بنيادي طور عاشي رياض جي نظر ۾ پنهنجي اعتبار ۽ اعتماد جي ٽٽڻ تي پاڻ اندر ۾ پُري پئي ٿي. هُن جي سموري جنگ سندس اندر ۾ جاري رهي. ٻاهر ٻُڙڪ ٻهنه ڪيائين. بس پنهنجي اندر ۾ پنهنجي محبت جي ٽٽڻ جو ماتم ڪندي رهي ٿي.

> مون کي خبر آهي مون توکي پنهنجي هٿان ڇو وڃايو هو.تومون کان منهنجي جذبن جو اظهار ٿي چاهيو،پر مون سمجهيو ٿي ته اسان جا روحن جا رشتا آهن.“.....”مون توسان نفرت ڪرڻ چاهي ته مون کي پنهنجي زندگيءَ کان ئي نفرت ٿي وئي.“ (فهميده،2024،197).

’ڏيءَ ننهن نه ٿي سمجهي وڃي، ننهن ڏيءَ نه ٿي سمجهي وڃي!‘ جنهن سبب سماجي ڍانچي ۾ خرابي پئدا ٿئي ٿي. اها عام ڳالهه ٿي چڪي آهي. گڏيل خانداني نظام ان ننڍڙين ڳالهين سبب ختم ٿي رهيا آهن. ۽ سنگل فيملي سسٽم ۾ نوان نوان مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن.ڊاڪٽر فهميده حسين جون ڪهاڻيون بنهي ماحول کي پيش ڪري رهيون آهن. پڙهيل ڳڙهيل شهري ماحول ۾ بظاهر بااختيار زال مڙس جي ڪهاڻي، ڳوٺن ۽ ننڍين شهرن ۾ پڙهيل لکيل زال ۽ مڙس به ذهني طور روايتي خيالن ۽ عملن وارن جي ڪهاڻي ته پڙهيل لکيل ۽ اڻپڙهيل مڙس جي ڪهاڻي.اهي سڀ ڪهاڻيون ڊاڪٽر صاحبه وٽ موجود آهن. بنيادي طور اهي سڀ موضوع ان نفسياتي لاڙي کي ظاهر ڪن ٿيون جنهن جي اثرهيٺ مرد وڌيڪ معتبر ۽ اهم آهي. اهو به ياد رکڻ گهرجي مرد کي ان نفسياتي وڏائي/تڪبر ۾ آڻڻ واري به عورت ئي آهي. پوءِ اُها

ماءُ هجي يا خاندان جي ڪا ٻي وڏي پوڙهي، ڏاڏي، ناني وغيره عورت سان خود وڏي ويڙهه ڪرڻ واري يا ان سان دشمني ڪرڻ واري خود عورت آهي.ڪهاڻي“فيصلو”جي‘‘نيما’ جو ڪردار روايتي زال وارو ڪردار آهي.جيڪا ‘جاويد’ جي يقين ڏيارڻ باوجود، ٻڌسڌ تي جاويد تي يقين نه ٿي ڪري، سندس اندر ۾ روايتي زال واري نفسياتي ڪيفيت موجود آهي.ڪيس هر وقت عورت هجڻ جو اڻڄاتل ڊپ اندر ۾ موجود رهي ٿو سندس ان خوف ئي بنيادي طور جاويد کي پاڻ کان پري ڪري ٿو. نيلم به سندس ئي ساهيڙي آهي اها ئي ان خوف جو فائدو وٺي ٿي، نيما خود ئي جاويد کي آهستي آهستي پنهنجي خوف جي سبب پاڻ کان پري ڪيو ۽ آخرڪار جاويد جي اندر ۾ هڪ روايتي مرد جو ڪردار جاڳي پيو!

ڪهاڻي“من جي مامرا” دوست کان شادي جو سفر آهي جيڪو ڪامياب نه ٿي سگهيو. شادي_ وقت گذرڻ بعد يا حقيقي زندگي ۾ پنڌ ڪرڻ بعد حاصل ٿيل تجربو آهي. ڪردار (عورت) هڪ ڏکمي نفسياتي ڪشمڪش ۾ آهي. جيڪا ڪنهن مصلحت تحت پنهنجي دوست کي پنهنجو همسفر بڻائي ٿي پر نفسياتي طور تي ٻئي ڪردار ماٺ ۾ پنهنجي اندر ۾ پاڻ سان وڙهي رهيا آهن. ڇا تي وڙهي رهيا آهن. ڪهڙي اڻ مڪمل خواهش ڪين ويجهو اچڻ نه ٿي ڏئي. ٻئي جيڪي دوست رهيا اهي يڪدم زندگي جا ساٿي بڻجي ويا ۽ ڳڏ هوندي به راتين جي ڏکمي اوجاڳن ۾ قربت واري وهي ۾ هڪٻئي کان پري ٿي ويا! اها ٻنهي ڪردارن جي هڪٻئي کي ذهني طور شايد قبول نه ڪرڻ جهڙي حالت آهي! ضروري ته نه آهي ته ذهني هم آهنگي رکڻ واري سان محبت به هجي!

زندگي ۾ فيصلا/معاملا ايترا آسان ۽ رومانوي نه آهن جيترا انسان زندگي جي هڪ پنڌ/هنڌ تي سمجهي ٿو. زندگي تلخ به آهي.رکي به آهي ته اُن ۾ ست رنگ به شامل آهن پر حقيقت ۾ زندگي نهايت ٽڪائيندڙ آهي. ڪهاڻي “ويساهه گهاتي”به اهڙي پس منظر ۾ لکيل ڪهاڻي آهي جنهن ۾ رشتن جي اهميت ۽ ذميواري کان متاهين سماجي نظام (گهرو نظام) جو اظهار آهي. رشتا جيڪڏهن پنهنجي حيثيت ۽ ذميواري سان نه بيهندا يا عمل يا ردعمل ڪندا ته نتيجي طور سماجي بيهڪ ۾ توازن خراب ٿيندو ۽ حالتون ڪنهن به طور تي بهتر نه ٿينديون. هي ڪهاڻي به اهڙي پسمنظر ۾ لکيل ڪهاڻي آهي. ڪهاڻي “فرسٽريشن” به اُن ئي پس منظر ۾ لکيل آهي. مرد_عورت ٻنهي جو هڪٻئي کي اڄ تائين نه سمجهي سگهڻ جي ڪري ٻئي هڪٻئي کي ذهني طور قبول نه ڪري سگهيا آهن. جيڪڏهن قبول ڪيو به اٿن ته جسماني طور تي! شايد اهو ئي سچ آهي جنهن کي به هي ٻئي قبول نه ڪري رهيا آهن.



ٻنهي جو فطري نظام جدا آهي، ٻنهي جي حيثيت جدا آهي. ٻئي هڪٻئي تي برابري ڇو ڪرڻ گهرن ٿا!

> مرد ڀلي ڪيترو به وڏو انٽليڪچوئل هجي، پنهنجي گهر ۾ عورت کي برتري ته ٿهيو پر برابري ڏيڻ لاءِ به ڪڏهن تيار نه ٿيندو.
> اسان جا اهي مرد اڃا تائين پاڻ به نه سمجهي سگهيا آهن ته هو ڇا ٿا چاهين؟
> اڻپڙهيل زال جا افعال به اڻوڻندڙ آهن ۽ پڙهيل زال جي ذات جي اهميت کي به مڃڻ لاءِ تيار ڪونهن (فهميده،2024،284)

‘فرار’ بظاهر ڪمزوري جي نشاني آهي پر ڪڏهن ڪٿي رشتن کي بچائڻ لاءِ فراريت اختيار ڪرڻي پوندي آهي. هي ڪهاڻي“فرار”به اهڙن حالتن کي ظاهر ڪري ٿي. بنيادي طور هن ڪهاڻي به رشتن جي احترام/ذميوارين جي عمل ردعمل جي چوڌاري ڦري ٿي. ماءُ پاڻ سان ٿيل وارتائن جو بدلو پنهنجي ننهن کان وٺي ٿي. اها ڪهڙي نفسياتي مونجهارو آهي. پاڻ کان گهٽ واري کان پنهنجي محرومي جو بدلو وٺڻ اصل ۾ اهو هڪ نفسياتي معاملو آهي. هي ڪهاڻي به بنيادي طور ان ئي مونجهاري جي چوڌاري ڦري ٿي.گهر ۾ ويٺل عورتون مرد جي زندگي کي خوشگوار بڻائي سگهن ٿيون.

ڪهاڻي“منزل من” انسان جذبن، احساسن کي بيجا قيد ڪرڻ جهڙي نفسياتي لاڙي جي چوڌاري گهمي ٿي.. ائين ڇو آهي ته ٻئي جي احساسن، جذبن کي پنهنجي اختيار هيٺ رکيو ٿو وڃي. ‘ماسي نوران’ جو ردعمل بنيادي طور اڳ جي عمل جو نتيجو آهي. پر اهو عمل ڇا عمل هو يا خود ردعمل! پر جيڪو به هو ان کي بهتر نه بڻايو ويو.‘نصرت’ جو عمل اڄ به اسان جي سماج ۾ بهتر تصور نه ٿو ڪيو وڃي،پر اهو خود به رد عمل هو.

> اسان جو سماج ۾ اڃان تائين به ڪورٽ ميرج کي هڪ گار سمجهيو ٿو وڃي،خاص ڪري اسان جي مڊل ڪلاس جا سماجي قدر ڏاڍا ڏکيا آهن. (فهميده،2024،294).

بنيادي طور تي ڪورٽ ميرج رشتن ۾ گُهٽ، ٻوسٽجي سبب ئي رد عمل طور سامهون اچي ٿي. حقيقت ۾ ان عمل جا ذميوار خود والدين پاڻ آهن.جڏهن رشتن ۾ هر طرف کان تازي هوا جا رستا بند ڪيا ويندا پوءِ اِن طرح جا نتيجا ته هر حال ۾ سامهون ايندا.

ڪهاڻي“منهنجو گهر”مرداڻي حاڪميت جو گهرو عڪس پيش ڪري ٿي.اسان جي معاشري ۾ زال جي ڪمائي کي عيب سمجهيو وڃي ٿو خاص طور جڏهن مڙس بيروزگار هجي ۽ گهر جو سمورو بار زال تي هجي، اُن صورت ۾ ته جڻ مرد

لاءِ ڪا گار ٿي پئي ٿي،سماج خاص طور تہ ڪيس ‘زال جي ڪمائي کائيندڙ’،‘زال جو مجو’، ‘زال جي خرچ تي پلجندڙ’ جهڙن لقب سان سڏيو ويندو آهي. ۽ اهڙي زال کي معاشري ۾ ڪو سٺي نگاهہ سان نہ ڏٺو ويندو آهي. مرد جي مٿان سماج جيڪي ذميواري رکي آهي اُها ان جي مرضي بنا آهي يا ڪائنس سندس مرضي معلوم ڪرڻ کان سواءِ آهي. تنهن ڪري سماج ۾ جنس جي حيثيت ۽ ذميواري سبب پيچ ڊاهہ ٿي رهي آهي. هي ڪهاڻي هڪ مرداڻي حاڪميت يا گهر جي سربراهہ واري احساس رکندڙ اهڙي فرد جي آهي جيڪو پنهنجي ذميواري نہ ٿو نباهي سگهي تہ هو ذهني طور شديد دٻاءَ جو شڪار ٿئي ٿو. هو جڏهن پاڻ کي ان ذميواري نہ نباهڻ جو مجرم/ڏوهاري سمجهي ٿو، يا معاشرو ڪيس اُن ڏوهہ جو ذميوار ٺهرائي ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ فرد نفسياتي دٻاءَ سبب پنهنجي ردعمل کي مثبت رکڻ بجاءِ روايتي طرح منفي لاڙي جو شڪار بڻجي وڃي ٿو.

ڊاڪٽر فهميده حسين جي ڪهاڻين جو هٿ عورتازاد جي اثر جو جائزو ورتو ويو آهي، سندس ڪهاڻين ۾ نفسيات جو لاڙو پڻ موجود آهي، خاص طور تي ڊاڪٽرصاحبہ پنهنجي ڪهاڻين ۾ مختلف نفسياتي بيمارين ‘ٽاڪسڪ’،‘اسٽاڪ هوم سينڊروم’ ‘ايڊيپس ڪمپليڪس’ کي بہ بحث هيٺ آندو آهي، تہ گڏوگڏ ڪجهہ ٻيا موضوع پڻ سندن ڪهاڻين ۾ موجود آهن.

**نتيجا:**

ڊاڪٽر فهميده حسين جي ڪهاڻين جو جائزو فيمينزم تحريڪ جي اثر هيٺ ورتو ويو آهي،جنهن مان هي نتيجا سامهون آيا آهن:

- ڊاڪٽر فهميده حسين جون ڪهاڻيون شهري زندگي سان تعلق رکندڙ پڙهيل لکيل نوڪري ڪندڙ عورتن جون ڪهاڻيون آهن. جن ۾ هو نوڪري ڪرڻ باوجود پنهنجو گهر بہ سنڀالين ٿيون.سندن ڪهاڻين تي فيمينزم جي پهرئين وار/دور جو گهرو اثر نمايان آهي.
- ڪهاڻين جا عورت توڙي مرد ڪردار اخلاقي بدحالي سبب فيمينزم/ عورتازاد اثر بحث هيٺ نہ ٿا اچن، بلڪ هو روزمره جي زندگي جي ننڍين وڏن مسئلن، مونجهارن ۽ نفسياتي دٻاءَ سبب جيڪو عمل توڙي رد عمل ڪن ٿا، اُهي موضوع يا مسئلا سندن ڪهاڻين جو موضوع آهي.
- ڪهاڻي”گئس لائيٽنگ“ ۾ مدي خارج ٽئبوز کي نهايت شائستگي سان چيئلينج ڪيو ويو آهي.جنهن ۾ ڪهاڻي جو تخليقي توڙي حقيقي اثر موجود آهي.سندن ڪيترن ئي ڪهاڻين ۾ اهڙو اثر نظر اچي ٿو.



- ڊاڪٽر صاحبہ جي ڪهاڻين جا ڪردار ڏکي سماجي ويڙهہ نہ ٿا وڙهن، سماج کي تبديل نہ ٿا ڪن بلڪ پنهنجي مسئلن ۽ مونجهارن کي سڌي سادي انداز سان ڪٿي اڳتي وڌن ٿا.
- ڪهاڻيڪاره تي عورتازاد تحريڪ جو اثر نمايان آهي. ڪهاڻي” اهنڪار“ ۾ اهڙو اثر چٽو واضح ٿئي ٿو.عورت ڪردار گهٽو ٽٽو مظلوم ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.مرد جي مظلوميت اجاگر ڪرڻ باوجود ڪيس حاڪم ئي تصور ڪيو ويو آهي.
- ڪهاڻي”اهنڪار“ ۾ عورت جي عورت دشمني/مخالفت کي بہ ظاهر ڪيو ويو آهي. فيمينزم اثر هيٺ لکيل ادب ۾ ان نڪتي يا حالت کي بيان نہ ڪيو ويو آهي.ڊاڪٽر صاحبہ پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾مسئلي جي ان رخ ڏانهن بہ سنجيدگي سان ڌيان ڇڪايو آهي.
- ڊاڪٽر صاحبہ جا عورت ڪردار مظلوم ۽ انهن جا مڙس مرداڻي حاڪميت وارو رويو رکندڙ ڏيکاريا ويا آهن.پر اُن ئي مظلوم عورت جو پيءُ روشن خيال،پنهنجي ڌيئرن کي سٺي تعليم، ماحول ڏيندڙ ۽ خود مختيار بڻائيندڙ آهي.اهو شايد سندن ڪنهن ذاتي رويي/لاڙي جو اثر آهي جو هڪ ئي وقت تي ٻن مرد ڪردار جي روين ۽ نفسيات کي سچائي سان بيان ڪيو ويو آهي.ساڳي وقت اُن عورت ڪردار جي ماءَ روايتي يا مصلحت پسند ڏيکاري وئي آهي.
- عورت ڪردار مرد جي حاڪميت برداشت ڪندي اُن مان نڪرڻ، پنهنجي حيثت مڃرائڻ لاءِ سهپ،برداشت سان جتن ڪن ٿا.جيڪي ڪٿي بہ پنهنجي سماج جا ٽڪراءُ ۾ اچڻ جي بجاءِ پنهنجو رستو اختيار ڪن ٿا.
- ڊاڪٽر فهميده حسين جي ڪهاڻين ۾ عورت جي مسئلن،مونجهارن ۽ روين کي گهڻي حد تائين آندو ويو آهي.

**تجويزون:**

- ڊاڪٽر فهميده حسين پاڻ محقق،استاد ۽ ٻوليءَ جي ماهر جي حيثيت ۽ سڃاڻپ رکي ٿي. سندس ڪهاڻي سادي ۽ معنيٰ دار انداز ۾ لکيل آهي. جنهن ۾ پنهنجي سماج ۾ عورتن کي پيش ايندڙ مسئلا بيان ڪيل آهن.هن هڪ محقق ۽ استاد طور ڪيترائي ڪيس اسٽڊي پيش ڪيا آهن. سندن ڪهاڻين ۾ ڪن نفسياتي بيمارين ‘ٽاڪسڪ’،‘اسٽاڪ هوم سينڊروم’،

‘ايڊيپس ڪمپليڪس’ جو بہ ذڪر ڪيو آهي,تنهن ڪري سنڌن اهڙين ڪهاڻين جي پس منظر ۾ سماج ۾ پئدا ٿيندڙ نفسياتي مسئلن ۽ انهن جو پوندڙ اثر بابت ڪيس اسٽڊي ٿيڻ گهرجي.

- ڪتاب“ڳُنڍي ڪلين وچ ۾” ۾ ڪجھ ڪهاڻيون مونولاگ (ضمير متڪلم,ضمير غائب )جي صورت ۾ بيان ڪيل آهن, تنهن ڪري سنڌن ڪهاڻين جو لسانياتي اڀياس ڪرڻ سان سنڌي ڪهاڻي ۾ ان اسلوب/ڊڪشن جي نواڻ ڪي وڌيڪ اجاگر ڪري سگهجي ٿو.
- ڊاڪٽر فهميده حسين جون ڪهاڻيون فيمينزم/عورتازاد جي اثر هيٺ لکيل آهن.سنڌن ڪهاڻين جو سنڌي ۾ ان تحريڪ جي اثر هيٺ لکيل عورت ڪهاڻيڪار ۽ مرد ڪهاڻڪار جي ڪهاڻين سان جدا جدا تقابلي اڀياس ڪرڻ سان سنڌن ڪهاڻين جو نواڻ/انفراديت واضح ٿي پوندي.
- عورتازاد تحريڪ اثر هيٺ لکيل ڊاڪٽر صاحبہ جي ڪهاڻين جي پس منظر ۾ شهري پڙهيل لکيل نوڪري ڪندڙ ۽ گهر سنڀاليندڙ يا پڙهيل لکيل هجڻ باوجود مڙس جي اثر هيٺ نوڪري نہ ڪندڙ عورتن جي ذاتي ۽ سماجي مسئلن خاص طور اهڙين عورتن جي ٻارن تي پوندڙ اثر بابت سماجي مطالعي جي ضرورت موجود آهي.جنهن سان سماجي سطح تي ڪيترائي نوان رخ سامهون اچي سگهن ٿا تہ گڏوگڏ فيمينزم تحريڪ جي اثر هيٺ لکجندڙ ادب لاءِ نوان موضوع بہ جُڙي سگهن ٿا.

حوالا:


ساجده پروين,ڊاڪٽر. (20190) .جديد ادبي تنقيدي نظرين ۽ لاڙن جو سنڌي ادب تي اثر. (ڊجيٽل ايڊيشن) https://books.sindhsalamat.com

_Encycpedia Britannica, https://www.britannica.com/topic/feminism

-Mohajan, Haradhan. (2022). An Overview of Feminism and its Categories. Munich Personal RePEc Archive (MPRA).Paper No. 114625, posted 22 Sep 2022 01:12 UTC https://mpra.ub.uni-muenchen.de/114625/

فهميده حسين,ڊاڪٽر.(2024).ڳُنڍي ڪلين وچ ۾. ڪراچي سنڌ: مرڪ پبليڪيشن,ڪراچي.